رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡه

# غوث پاڪ

# جون ڪرامتون

28-December-2017



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

((For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غوث پاڪ جون ڪرامتون

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ **(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زمزم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجهہ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري** (يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو).

## دُرُود شريف جي فضيلت

**ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، حضور اڪرم** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: جيڪو مون تي دُرُود پڙهندو آهي، ان جو دُرود مون تائين پهچي ويندو آهي، مان ان جي لاءِ اِستِغفار (مغفرت جي دعا) ڪندو آهيان ۽ ان کان عِلاوه، ان جي لاءِ ڏهہ (10) نيڪيون لکيون وينديون آهن.** (معجم اوسط ،من اسمہ احمد،۱/۴۴۶،رقم: ۱۶۴۲)

گندے نکمّے کمین مہنگے ہوں کوڑی کے تین کون ہمیں پالتا تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائقِ بخشش، ص۲۷۰)

**مختصر وضاحت: اسان اهڙا نڪما ۽ ناڪاره آهيون جو ٽڪي جا ٽي حصا بہ اسان**

ڪان مهانگا هوندا، پر ان جي باوجود اي منهنجا آقا!توهان اسان جهڙن نالائقن کي بہ پنهنجي دامن ڪرم سان وابستہ فرمايو، اوهان تي ڪروڙين درود ۽ سلام هجن .

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:**(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي دُعا جي بَرڪت:

حضرت سَيدُنا شَيخ اِسماعيل بن علي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ حضرت سَيدُنا شَيخ علي بن هَيتَمِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جڏهن بيمار ٿيندا هئا تہ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي زَرِيرَان واري زمين ڏانهن تشريف کڻي ايندا هئا ۽ اتي ڪئي ڏينهن گُذاريندا هئا. هڪ ڀيري پاڻ اتي بيمار ٿي پيا تہ انهن وٽ غَوثِ صَمداني، قُطبِ رَبَّانِي،

شَيخ سَيد عَبدُالقَادِر جِيلاني رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بَغداد کان عيادت جي لاءِ تشريف فرما ٿيا، ائين ٻئي اَولياءِ ڪرام رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِمَا منھنجي زمين تي گڏ ٿيا ھتي ٻہ ڪجيءَ جا وڻ ھئا جيڪي چئن (4) سالن کان خُشڪ ھئا ۽ انھن ۾ميوو (Fruit) پيدا نہ ٿيندو ھو. اسان انھن وڻن کي ڪٽڻ جو اِرادو ڪيو تہ حضرت سَيدُنا شَيخ عَبْدُالقادِر جِيلاني رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان مان ھڪ وڻ ھينان وُضُو ڪيائون ۽ ٻي جي ھينان ٻہ نَفل ادا ڪيائون. ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي وڻ ساوا ٿي ويا، انھن جا پن ڦٽڻ شروع ٿيا ۽ انھيءَ ھفتي ۾ انھن کي ميوو لڳي ويو جڏھن تہ اھو ڪجين جي ميون جو وَقت ئي نہ ھو. مون پنھنجي زمين تان ڪجھ ڪجورون ڪٽي پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ڪيون، پاڻ رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان مان ڪاڌيون ۽ مون کي فرمايائون: الله عَزَّوَجَلَّ تنھنجي زمين، تنھنجي دِرھم، تنھنجي صاع (مخصوص پيماني) ۽ تنھنجي (جانوَرن جي) کير ۾ بَرَڪت ڏي.‘‘

حضرت سَيدُنا شَيخ اِسماعيل بن علي رَحمَۃُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: منھنجي زمين ۾ ھن سال جي مِقدار کان 2 کان 4 ڀيرا وڌيڪ فَصل پيدا ٿيڻ شُروع ٿيو، ھاڻي منھنجو حال ھي آھي تہ جڏھن مان ھڪ دِرھم خَرچ ڪيان ٿو تہ ان سان مون وٽ ٻہ (2) کان ٽي (3) ڀيرا وڌيڪ مال اچي ويندو آھي ۽ جڏھن مان ڪڻڪ جون سو (100) ٻوريون ڪنھن گھر ۾ رکندو آھيان پوءِ ان مان پنجاھ (50) ٻوريون خَرچ ڪري ڇڏيندو آھيان ۽ باقي کي ڏسندو آھيان تہ سو (100) ٻوريون مَوجُود ھنديون آھن. منھنجا جانور ايتري قَدَر ٻچا ڏيندا آھن جو مان انھن جي ڳڻپ (Counting) وسري ويندو آھيان. اھو حال حضرت سَيدُنا شَيخ عَبْدُالقادِر جِيلاني رَحمَۃُاللهِتَعَالٰی عَلَيْه جي بَرَڪت سان اجا تائين باقِي آھي.

(بھجۃالاسرار، ذکرفصول من کلامه۔۔۔الخ، ص۹۱)

بَہار آئے میرے بھی اُجڑے چمن میں　　چَلا کوئی ایسی ہَوا غَوثِ اَعْظَم
رہے شاد و آباد میرا گھرانا　　کَرَم اَز پئے مُصْطَفٰے غَوثِ اَعْظَم

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۵۵۳)

www.dawateislami.net

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ شهبازِ خِطابَت غوثِ پاڪ
فانوسِ هِدايت غوثِ پاڪ سلطان ولايت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل حِڪايت ۾ ڪوڙ مَدَني گل موجود آهن، مَثال طور اسان جا غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه سُنّت جا پابند هئا جو سندن رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه بين سُنّتن تي عمل ڪرڻ سان گڏوگڏ بيمارن جي عِيادت ڪرڻ واري سُنّت ادا ڪندا هئا، تنهنڪري اسان کي کپي ته اسان به غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي نَقشِ قَدَم تي هلندي مريضن جي عِيادت واري هن سُنّت کي اپنايون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ حديث جي ڪتابن ۾ ڪئي مقامن تي بيمار جي عِيادت ڪرڻ جون عَظِيمُ الشّان فضيلتون بيان ٿيون آهن. اچو! تَرغِيب خاطر ٽي (3) فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌون ٿا جيئن ته،

(1) مسلمان جڏهن پنهنجي مُسَلمان ڀاءُ جي عِيادت ڪندو آهي ته هو (ان وٽان) موٽي اچڻ تائين جنّت جي باغ ۾ رهندو آهي.
(مسلم، كتاب البرّ والصلة والآداب،باب فضل عيادة المريض،ص ۱۰۶۵، حديث: ۲۵۶۸)

(2) جيڪو مُسَلمان صُبح جي وَقت ڪنهن مُسَلمان جي عِيادت ڪري ته ستّر هزار (70000) ملائڪ ان کي شام تائين دُعائون ڏيندا آهن ۽ جيڪو شام جي وقت عِيادت ڪري ته صُبح تائين ستّر هزار (70000) ملائڪ ان کي دُعائون ڏيندا آهن ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ باغ هوندو.
(ترمذي، كتاب الجنائز عن رسول الله، باب ما جاء في عيادة المريض، ۲۹۰/۲، حديث:۹۷۱)

(3) جيڪو چڱي طرح وُضُو ڪري ۽ ثَواب جي لاءِ پنهنجي مُسَلمان ڀاءُ جي بيمار پُرسي (عيادت) ڪري ته ستّر (70) سال جي مفاصِلي تي دَوزَخ کان پري رکيو ويندو. (ابوداود،كتاب الجنائز،باب في فضل العيادة علي وضوء، ۳/ ۲۴۸، حديث : ۳۰۹۷)

مَشهور مُفَسّرِ قُرآن،حڪيمُ الاُمَّت حضر ت مُفتِي اَحمد يار خان نَعِيمِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى

عَلَيْه هن حديثِ پاڪ تَحت فرمائن ٿا: باوُضو عيادت ڪئي وڃي ڇوته عِيادت (لَفظِي ۽ مَعنَوِي اِعتِبار کان) عِبادت آهي ۽ عِبادت باوُضُو بهتر آهي، ۽ عِيادت ۾ دُعا ۽ مَرِيض (Patient) تي ڪجهه پڙهي دَم ڪيو ويندو آهي ۽ باوُضو دُعا ۽ دَم بهتر آهي،ڪجهه ماڻهو باوُضو قُرباني فاتِحَه ۽ اِيصَالِ ثواب ڪرائيندا آهن، بلڪ يارهين شريف جو کاڌو باوُضو پچائيندا ۽ ڪائيندا آهن، اها حديث ان جي اَصل آهي. (مرآة المناجيح،۲/ ۴۱۶)

سُبْحٰنَ اللّٰـه عَزَّوَجَلَّ! ڏٺو اوهان ته مُسَلمان جي عِيادت ڪرڻ ڪيتري قَدَر زَبَردَست عمل آهي جو مُسَلمان جي عِيادت ڪرڻ وارو واپَس موٽڻ تائين جنّت جي باغ ۾ هوندو آهي، مُسَلمان جي عِيادت ڪرڻ واري کي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا مَعصُوم ملائڪ دُعائن سان نوازيندا آهن، مُسَلمان جي عِيادت ڪرڻ واري کي جنّت ۾ هڪ باغ عطا ڪيو ويندو، مُسَلمان جي عِيادت ڪرڻ وارو سترّ (70) سال جي مفاصِلي تي دَوزخ کان پري رکيو ويندو. ياد رهي! بيمار جي عِيادت ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي پر ڪڏهن ڪڏهن عِيادت ڪرڻ واري مريض جي لاءِ راحت جي بدران زحمت جو سبب بڻجي ويندي آهي. بِلا ضَرورت مَرَض جو تفصيل پُڇڻ، طِبّي مُعَامَلن کان بي خبر هوندي به ان کي طرح طرح جا مَشوَرا ڏيڻ ۽ بيا فُضول سُوال ڪرڻ مريض جي لاءِ تڪليف ۽ دل آزاري جا سَبَب بڻجي ويندا آهن، بَهرحال عِيادت ڪرڻ ۾ مريض جي ڪيفِيت جو خَيال رکڻ بيحد ضَروري آهي ۽ جيڪڏهن اهو مَحسوس ٿئي ته اسان جي مَوجُودگي مريض جي لاءِ تڪليف جو سَبَب آهي ته جَلد اتان کان رَوانو ٿيڻ گهرجي. فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: اَفْضَلُ الْعِيادَةِ سُرعَةَ الْقِيام بهترين عِيادت جَلد اُٿي وڃڻ آهي. (شعب الايمان،باب في عيادة المريض، فصل في آداب العيادة، ۵۴۲/۶، حديث: ۹۲۲۱)

حڪيمُ الأُمَّت مُفتِي اَحمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تَحت لکن ٿا: هي تمام ان صورت ۾ آهي جڏهن بيمار کي ان جي ويهڻ سان تڪليف ٿئي. (مرآة المناجيح، ۲/ ۴۳۳) حضرت علّامه علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن وَقت

www.dawateislami.net

هي گُمان ٿئي تہ مريض ان شخص جي ويهڻ کي گھڻو پسند ڪري ٿو، مثال طور هو ان جو دوست يا ڪو بُزرگ آهي يا هيءُ ان ۾ پنهنجي مَصلَحَت (ڀلائي) سمجهي ٿو، اهڙي طرح ڪو ٻيو فائدو هجي تہ ان وَقت مريض وٽ وڏيڪ ويهڻ ۾ ڪو حَرَج نہ آهي. (مرقاة المفاتيح،كتاب الجنائز،۴ /۶۰، تحت الحديث:۱۵۹۱)

بيان ڪيل حِڪايت ۾ ٻيو مَدَني گل هي آهي تہ سَرڪارِ بَغداد، حُضورِ غَوْثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه صاحِبِ ڪرامَت بُزرگ هئا جو سندن وُجُودِ مَسعُود جي بَرَڪت سان سُڪل وڻ بہ سر سبز ٿي بي موسم ميوو ڏيڻ لڳندا آهن جڏهن تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي بارگاهِ خُداوَندِي ۾ اهو بُلند ۽ اعليٰ مقام ۽ مرتبو حاصِل هو جو جنهن خوش نصيب جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بَرَڪت (Blessing) جي دُعا ڪندا هئا تہ ان جا ڀاڳ کلي پوندا هئا چوتہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مُستَجَابُ الدَّعْوَات هئا يعني سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون دُعائون تمام گهڻيون قبول ٿينديون هيون، جيئن بيان ڪيل حِڪايت مان معلوم ٿيو تہ اوهان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حضرت شَيخ اِسماعيل بن علي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي زمين کي نہ صِرف پنهنجي وُجودِ مَسعُود سان سَرفَراز ڪيو بلڪ ان جي لاءِ بَرَڪت جي دعا بہ ڪئي، سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مُقَدَّس چَپن مان نڪتل دُعا دَرَجهءِ قَبُولِيت جي مِعرَاج تائين پهچي وئي، ان ڪري مُختَصَر عَرصي ۾ حضرت سَيدُنا شَيخ علي بن اِسماعيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي اَناج جي پيداوار ۾ نہ صِرف بہ (2) کان چار(4) ڀيرا وڌيڪ اِضافو ٿيو بلڪ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي جانورن جي ايتري قَدَر ڪثرَت ٿي جو ڳڻپ نہ پئي ٿي سگهي، معلوم ٿيو! الله وارن جي دُعا ۾ گهڻو اثر هوندو آهي، تنهنڪري جڏهن بہ الله وارن جي بارگاهہ ۾ حاضِري جو شَرَف حاصِل ٿئي تہ اسان کي گهرجي تہ اسان مَوقعي کي غَنِيمَت سمجهندي اَدَب جو دامَن پڪڙي انهن جي فَيض مان فَيضياب ٿيڻ سان گڏوگڏ انهن کان مال ۽ دَولت ۽ شُهرت ومَنصَب وغيره دُنياوي مقصدن کي حاصل ڪرڻ جون دُعائون ڪرائڻ بدران ايمان جي سَلامَتي، نيڪين تي اِستِقَامت، گُناهن کان نَجات، بي حِساب مَغفِرت ۽ حَرَمَين

شَرِيفَين جي باادب حاضِري جي دُعائن جي لاءِ عَرض ڪريون. الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن کان دُعا ڪرائڻ اسان جي اَسلافِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين جو مَعْمُول رهيو آهي، جيئن تہ حضرت سَيِدُنا اَنَس بِن مالِڪ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ نيڪ ماڻهن کان دُعا ڪرائڻ اسان تي لازِم فرمايو آهي ڇاڪاڻ تہ اهي رات کي قِيام جي حالت ۾ ۽ ڏينهن کي روزي جي حالت ۾ گذاريندا آهن ۽ فِسق وفُجُور (گُناهن) کان پري رهندا آهن. (جامع صغير ، حرف الجيم، حديث: ۳۵۹۰، ص۲۱۹)

تمہارا فَضْل ہے جو میں غُلامِ غَوْث و خَواجہ ہوں

نہ ہو کم اَوْلِیا کی دِل سے اُلفت یا رَسُولَ الله

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۳۳۰)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو! اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهِم اَجْمَعِين کان پنهنجي لاءِ دُعا ڪرائڻ جي باري ۾ اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسُنّت مَولانا شاه اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هڪ واقِعو ٻڌون ٿا، جيئن تہ،

## دعا جي لاءِ تشريف ڪٽي ويا

اعليٰ حضرت،اِمامِ اَهلسُنّت مولانا شاه امام اَحمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ پهريون دفعو مديني شريف جي حاضريءَ جي موقعي تي جڏهن مِنيٰ شريف جي مسجد مان سڀ ماڻهو هليا ويا تہ مسجد جي اندرئين حصي ۾ هڪ شخص کي ڏٺو تہ قبلي ڏانهن رخ ڪري وظيفي ۾ مصروف هو. مان مسجد جي اڱڻ ۾ دروازي وٽ هئس، ۽ ڪو ٻيون شخص مسجد ۾ نہ هو. اوچتو مسجد ۾هڪ آواز جهونگار وانگر محسوس ٿيو جيئن ماکيءَ جي مک جي آواز هوندي آهي. هڪدم منهنجي دل ۾ هي حديث پاڪ آئي: ”الله وارن جي دل مان اهڙو آواز نڪرندو آهي جيئن ماکيءَ جي مک جو آوازهجي.“ (المستدرک ج 2 ص 180 حديث 1898) مان وظيفو ڇڏي ان ڏانهن ويس تہ ان کان مغفرت جي دعا ڪرايان ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان ڪڏهن بہ ڪنهن بزرگ وٽ دنيا جي حاجت لاءِ نہ ويس، جڏهن ويس هن

www.dawateislami.net

خيال سان تہ مغفرت جي دعا ڪرائيندس. اجا ہہ قدم ئي ان ڏانهن وڌيس تہ ان بزرگ مون ڏانهن منهن ڪري آسمان ڏانهن هٿ کڻي ٽي دفعا چيو: ”اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا، اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا، اَللّٰهُمَّ اغْفِرْ لِاَخِيْ هٰذَا“ (اي اللّٰه! منهنجي هن ڀاءُ کي بخش، اي اللّٰه! منهنجي هن ڀاءَ جي مغفرت فرماءِ، اي اللّٰه! منهنجي هن ڀاءُ کي معاف فرماءِ) آئون سمجهي ويس تہ جڏهن فرمايائون: ”اسان تنهنجو ڪم ڪري ڇڏيو، هاڻي اسان جي ڪم ۾ رڪاوٽ نہ وجهہ“مان ائين ئي موٽي آيس.“

(ملفوظات اعلیٰ حضرت، ص۴۸۹-۴۹۰ ملتقطاً)

ڪرم ہو واسِطہ ڪل اَوْلِياء ڪا
مرا اِيماں پہ مولیٰ خاتِمَہ ہو

(وسائلِ بخشش مُرمّم،ص۳۱۶)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رهي! جهڙي طرح اَولِياء ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين جي دُعائن سان بگڙي بڻجي ويندي آهي ۽ قِسمَت سَنوَرجي ويندي آهي، ائين ئي جيڪڏهن اهي حضرات ناراض ٿي ڪنهن جي خِلاف دُعا ڪن تہ اهو ماڻهن لاءِ عِبرَت جو نشانو بڻجي ويندو آهي، جيئن تہ،

## بزرگن جي دعا ۽ دعاءِ ضرر جو اثر

شَيخُ الحديث حضرت علّامہ عبدُ المُصطفیٰ اَعْظَمِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه تعاليٰ جي مَحبوب ٻانهن (مثال طور) عُلَمَاء، اَولِياء ۽ تمام صالِحِين (رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين) جي ڪنهن جي خِلاف دُعائون نهايت ئي خطرناڪ ۽ هلاڪت ڪندڙ بلائون آهن. انهن بُزرگن جي دُعاءِ ضَرَر ۽ بد دعا اها تَلوار آهي جنهن جي ڪا ڍال ناهي ۽ هي تباهي ۽ بَربادِي جو اهو زهر آلود تِير آهي جنهن جو نشانو ڪڏهن بہ گُسندو ناهي، تنهنڪري هر مسلمان تي لازِم آهي تہ سڄي زِندَگي هر هر قَدَم تي اهو ڌيان رکي تہ ڪڏهن بہ اللّٰه تعاليٰ جي نيڪ ٻانهن جي شان ۾ ذرّي برابر بہ بي اَدَبي نہ ٿئي ۽ بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين مان ڪنهن جي بہ دُعاءِ ضَرَر نہ وٺي بلڪ هميشہ ان ڪوشِش ۾ لڳل رهي تہ خُدا عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن

جون دُعائون ملنديون رهن چو تہ نيڪ ٻانهن جون نُقصان جي لاءِ دُعائون بَربادِيءَ جو خوفناڪ سِگنَل (Signal) اِشارو) ۽ انهن جون دُعائون آبادي جو منو ميوو آهي. ( ڪراماتِ صحابه ،ص۱۳۶)

هڪ ٻي جاءِ تي لکن ٿا: الله وارن جون دُعائون ان تِير (Arrow) جيان هونديون آهن جيڪو ڪمان مان نڪري نِشاني کان وار برابر بہ ناهي گسندو. ان ڪري هميشہ هن جو خيال رکڻ گهرجي تہ ڪڏهن بہ ڪنهن بَد دُعا جي زَد ۾ پاراتي ۾ نہ پئون ۽ ٻي دينن وانگر هرگز هرگز اهو نہ چئون تہ ادا ڪنهن جي دُعا يا بَد دُعا سان ڪجهہ ناهي ٿيندو، اهي ماڻهو هرويرو ٻين کي بَددُعا جو ڊپ ڏيندا آهن، بلڪ اهو اِيمان رکجي تہ بُزرگن جي دُعائن ۽ بَد دُعائن ۾ تمام وڏيڪ تاثير آهي. (ڪراماتِ صحابه،ص ۱۶۳ملتقطاً)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب!        صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شهنشاه بَغداد، حُضور غَوْثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جون ڪرامتون ٻڌي اسان جي دلين ۾ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي عَقِيدَت ۽ مَحَبَّت ۽ شان ۽ عظمت ويتر وڌنڌي وينڌي اچو! سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مُختَصَر تَعَارُف ٻڌون ٿا،

## غوثِ پاڪ جن جو نالوءِ نسب

حضرت سَيدُنا غَوْثِ اَعظَم، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي ولادت باسعادت پهرين رمضان 470 هجري جو جيلان ۾ ٿي. غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جو نالو مبارڪ عبد القادر ۽ ڪنيت ابو محمد آهي، محي الدين، محبوبِ سبحاني، غوث اعظم ۽ غوثِ ثقلين وغيره پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جا لقب آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي والد ماجد جو نالو حضرت سيّدِنا ابو صالح موسٰي جنگي دوست رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ والده ماجده جن جو نالو اُمُّ الخير فاطمہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْهَا آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه والد جي طرف کان حسني ۽ والده ماجده جي طرف کان حُسيني سيّد آهن. (بهجةالاسرار و معدن الانوار، ذڪرنسبه وصفته ، ص۱۷۱-۱۷۲ملخصاً وملتقطاً)

تُو حُسَيْنِی حَسَنی کیوں نہ مُحِیُّ الدِّیں ہو        اے خِضَر مَجْمَعِ بَحْرَیْن ہے چشمہ تیرا

www.dawateislami.net

(حدائقِ بخشش، ص ١٩)

## حيرت انگيز واقعا

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي غوثِ پاڪ حضرت سَيِدُنا شَيخ عبْدُ القادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو شُمار اَولِياءِ ڪرام جي ان عظيم طَبقي ۾ ٿئي ٿو ته جيڪي پيدائشي وَلِي هئا پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ذاتِ با بَرڪات کان ڪرامتن جو ظُهور هن دُنيا ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ۽ ولادَت بعد ئي ٿيڻ لڳو هو، جيئن ته، پاڻ اڃان پنهنجي والده ماجده جي پيٽ ۾ هئا، جڏهن انهن کي نِڇَ ايندي هئي ۽ هوءَ اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوندي ته پاڻ پيٽ ۾ ئي جوابًا يَرْحَمُكِ الله (يعني الله عَزَّوَجَلَّ اوهان تي رحم فرمائي) چوندا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پهرين رمضان المبارڪ سومر جي ڏينهن صبح صادق جي وقت دنيا ۾ جلوه گر ٿيا، ان وقت چَپ مبارڪ آهسته آهسته حرڪت ڪري رهيا هئا ۽ الله الله جو آواز اچي رهيو هو. (الحقائق فی الحدائق، ١/ ١٣٩بتغير قليل) جنهن ڏينهن سندن ولادت ٿي، ان ڏينهن اوهان جي ديارِ ولادت (ولادت واري علاقي) ”جيلان شريف“ ۾ يارنهن سو (1100) ٻار پيدا ٿيا، اهي سڀ جا سڀ ڇوڪرا هئا ۽ سڀ ولي الله بڻيا. (تفريْح الخاطر،ص٥٨) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پيدا ٿيندي ئي روزو رکي ڇڏيو ۽ جڏهن سج لٿو، ان وقت ماءُ جو کير نوش فرمايائون، سڄو رمضان سندن اهو ئي معمول رهيو. (بہجۃ الاسرار، ص١٧٢مفہوما)

پیدا ہوتے ہی رکھے رمضاں میں روزے، دن میں دُودھ
کا نہ اک قطرہ پیا یا غَوثِ اَعْظَم دَستگیر

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ شهبازخطابت غوثِ پاڪ
ولين تي حڪومت غوثِ پاڪ فانوسِ هِدايت غوثِ پاڪ
♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عمومًا ٻار جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ موجود هوندو آهي ته ان جي لاءِ ماءُ جو پيٽ ئي سڀ ڪجهه هوندو آهي، هو ٻاهر جي دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهه به آهي اُن سڀ کان بي خَبَر هوندو آهي پر جِن تي رَبّ تعاليٰ خُصوصي فَضل ۽ اِحسان فرمائي ۽ وِلايت جو تاج جن جي مٿي تي سَجيل

هجي تہ ماءُ جي پيٽ ۾ رهي ڪري بہ هو ٻاهر جي حالتن (Conditions) ڪان باخَبَر رهندا آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جا غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه بہ الله عَزَّوَجَلَّ جا اهڙا عظيمُ الشَّان مُقَرَّب وَلِي بلڪ وَلين جا سَردَار آهن جيڪي پنهنجي والِده ماجده جي پيٽ ۾ رهي انهن جي قرآن پڙهڻ جي آواز کي نہ صِرف ٻڌي وٺندا هئا، بلڪ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن فاني دنيا ۾ جلوَہ گر ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي پُورا 18 سيپارا حِفظ بہ ڪري ورتا هئا

## ارڙهن (18) سيپارا حفظ هئا

پنجن(5) سالن جي عمر ۾ جڏهن پهرين ڀيرو بِسْمِ الله خواني جي رسم جي لاءِ ڪنهن بزرگ وٽ ويٺا تہ اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ۽ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي ڪري سُورَةُ الفاتِحَہ ۽ آلمّ ڪان وٺي 18 سيپارا پڙهي ٻڌائي ڇڏيا. ان بزرگ پڇيو: پُٽ اجا پڙهہ. فرمايائون: بس مون کي ايترو ئي ياد آهي، ڇو تہ منهنجي والده کي بہ ايترا ئي ياد هئا، جڏهن مان پنهنجي والده جي پيٽ ۾ هيس، ان وقت اها پڙهندي هئي، مون ٻڌي ڪري ياد ڪري ڇڏيا هئا. (الحقائق فی الحدائق،۱/۱۴۰بتغیرقلیل)

تُو ہے وہ غوث کہ ہر غوث ہے شیدا تیرا
تُو ہے وہ غیث کہ ہر غیث ہے پیاسا تیرا

مختصر وضاحت: اي اسان جا غوثِ پاڪ !اوهان اهڙا فرياد ٻڌڻ وارا آهيوجو هر غوث اوهان تي قربان ۽ اوهان جو چاهيندڙ آهي، اوهان اجارن جي اڃ ختم ڪرڻ وارا اهڙا درياء آهيو جو هر درياء ان جو پياسو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب "غوث پاڪ جا حالات" جو تعارف

منا منا اسلامي ڀائرو! حُضُور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زندگي جا وڌيڪ احوال ۽ سندن وڌيڪ ڪرامتون ڄاڻڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 106 صفحن تي مشتمل ڪتاب "غوث پاک کے حالات" جو

مطالعونهايت فائديمند آهي هن ڪتاب ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪوڙسارين ڪرامتن ۽ ان ڪان علاوه سندن جا احوال،سندن جي ننڍپڻ جا واقعا،علم ۽ پرهيزگاري، فرمان، اوهان جي شان ۾ لکيل مَنقَبَتون ۽ اولياء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جي سندن سان عقيدت جي اظهار جي متعلق قول وغيره نهايت سني انداز ۾ ترتيب سان بيان ڪيا ويا آهن،

## رسالو (انبیاواولیاءکوپکارناکیسا) جو تعارف

مڪتبة المدينہ تان جاري ڪيل شَيخِ طرِيقَت اَميرِ اَهلِسنّت،بانيِ دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري رضَوي ضيائي دامَت بَرَڪاتُهُمُ العَالِيَه جي مدني مذاڪرن تي مشتمل رسالو (انبیا و اولیاء کوپکارناکیسا) جومطالعو ڪريو اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ انبياءِ ڪرامعَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ۽ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى کي پڪارڻ جو ثبوت،اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جون ڪرامتون،دلچسپ واقعا،توبهہ جي معنٰي ۽ ان جي حقيقت،خشوع ۽ خضوع جي معنٰي ۽ نماز ۾ ان جي اهميت ۽ ان ڪان علاوه ڪوڙ سارن مدني گلن کي بيان ڪيو ويو آهي.تنهنڪري ان بنهي رسالن کي مڪتبة المدينہ جي شاخ تان هَدِيَّة وٺي ڪري پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ هن جو شوق ڏياريو. دعوت اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان هن رسالن کي پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڊائون لوڊ (download) ۽ پرنٽ آوٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪرامت جي تعريف ۽ ان جو حڪم

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غَوْثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون وڏيڪ ڪرامتون بہ ٻڌنداسين پر ان ڪان اڳ ۾ اهو ٻڌون ٿا تہ ڪرامت چوندا ڇا کي آهن، اڇو ان جي تعريف ٻڌون ٿا، دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”ڪراماتِ صحابہ“ جي صفحي 36 تي آهي تہ مومن متقي ڪان جيڪڏهن ڪا اهڙي نادرُالوجود (يعني تمام گهٽ ٿيندڙ) ۽ تعجب واري شيء صادر ۽

ظاهر ٿي وڃي جيڪا عام طور تي عادتًا ناهي ٿيندي ته ان کي ڪرامت چوندا آهن. اهڙي قسم جون شيون جيڪڏهن انبياء عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان اعلانِ نبوت ڪرڻ کان پهريان ظاهر ٿين ته **اِرهاص** ۽ اعلانِ نبوّت کان پوءِ ظاهر ٿين ته معجزو چورائينديون آهن ۽ جيڪڏهن عام مومنن کان اهڙين شين جو ظهور ٿئي ته ان کي مَعُونَت چوندا آهن ۽ ڪنهن ڪافر کان ڪڏهن ان جي خواهش جي مطابق هن قسم جي شي ظاهر ٿي وڃي ته ان کي اِسۡتِدرَاج چيو ويندو آهي. (النبراس شرح شرح العقائد ، اقسام الخوارق سبعة ، ص٢٧٢ ملخصاً(ڪراماتِ صحابه،ص٣٦)) صدرُ الشَّرِيعه، بَدرُ الطَّرِيقَه حضرت علّامه مَولانا مُفتي امجَد عَلي اَعظَمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا ته ڪرامتِ اولياء حق آهي، ان جو منڪر گمراهه آهي(بهارِ شريعت،حصه اول،٢٦٩/١) ڪرامت جون تمام گهڻيون قسمون آهن مثلاً مردن کي زنده ڪرڻ، انڌن ۽ ڪوڙهِين کي شفا ڏيڻ، وڏي سفر کي لمحي ۾ پورو ڪري ڇڏڻ، پاڻي تي هلڻ، هوائن ۾ اُڏرڻ، دل جي ڳالهه ڄاڻي وٺڻ ۽ پري جي شين کي ڏسي وٺڻ وغيره وغيره.......

هتي اها ڳالهه به ذهن نشين رهي ته اصل ڪرامت، شَرِيعَت ۽ سُنَّت تي اِستِقامت سان عمل ڪرڻ آهي، جيئن ته حضرت سَيدُنا شيخ ابوالقاسم گُرگاني رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: پاڻي تي هلڻ، هوا ۾ اُڏامڻ ۽ غَيب جون خبرون ڏيڻ ڪرامت ناهي بلڪ ڪرامت هي آهي ته اهو شخص سراپا اَمر بڻجي وڃي يعني شريعت جو مُطِيع ۽ فرمانبدار ٿي وڃي اهڙي طرح جو ان کان حرام جو صُدور نه ٿئي. (ڪيميائے سعادت، رڪنِ سوم مهلڪات ، اصل دهم ،٢/ ٧٤٩) حضرت سَيدُنا ابُو يزيد بِسطامي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان ڏسو ته ڪنهن کي ايترين ڪرامتون ڏنيون ويون آهن جو هو هوا ۾ اُڏامي ٿو ته ان جي ڌوڪي ۾ نه اچو ايستائين جو ڏسو ته هو الله عَزَّوَجَلَّ جي اَمر ۽نهي ۽ حِفظِ حُدود ۽ اَداءِ شريعت ۾ ڪهڙو آهي (يعني الله تعاليٰ جن ڳالهين جو حڪم ڏنو آهي اُن تي عمل ڪري ٿو يا نه ۽ جن ڳالهين کان منع ڪيو آهي اُن کان پاسو ڪري ٿو يا نه، شريعت جي حَدّن ۽ ان جي پَيرَوِي جو ڪيترو خيال رکي ٿو). (شعب الايمان ،باب في نشرالعلم،٢/ ٣٠١، رقم:١٨٦٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَحبوبِ سُبحاني، غَوثِ صَمَداني، قِنديلِ نُوراني،

www.dawateislami.net

شَهبازِ لا مڪاني، شَيخ عبدُ القادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه، الله عَزَّ وَجَلَّ جا اهي مُقرَّب ترين وَلي آهن، جيڪي تمام اَولِياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين جا سردار آهن ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي شَخصِيت عوام ۽ خواص سيني جي لاءِ عقيدت ۽ اِحترام جي لائق آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه نہ صرف ڪثيرُ الڪرامات بُزرگ آهن بلڪ الله عَزَّ وَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي ٻين اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين کان وڌيڪ ڪرامتن ۽ اِنعامن سان نوازيو آهي، ايستائين جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جون ڪرامتون تہ ڳڻپ کان ٻاهر آهن، جيئن تہ،

## موتين جي مالا

مشهور مُحَدّث حضرت سَيدُنا شَيخ عبْدُ الحق مُحَدّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: مَشائخِ اَولِياء رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين مان ڪو بہ ڪَرامتن جي لحاظ کان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي برابر نہ آهي، ايستائين جو بعض مشائخ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِين فرمائن ٿا تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪرامتن جو حال تہ موتين (Pearls) جي لڙ وانگر آهي تہ جڏهن ٽٽندي آهي تہ هڪ کان بعد هڪ موتي ڪرندا ويندا آهن ۽ سندن جون ڪرامتون ڳڻپ ۽ شُمار کان ٻاهر آهن. (اشعة اللمعات،ڪتاب الفتن،باب الڪرامات، ۴/۶۱۰ مفهوما)

اچو! پنهنجي دلين ۾ حضور غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي عظمت وڌائڻ جي لاءِ سندن جون 2 ڪرامتون ٻڌون ٿا، جيئن تہ،

## (1) اناج ۾ برڪت ٿي

شيخ ابو العباس احمد قَرَشِي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ هڪ ڀيري بغداد ۾ ڏڪار پيو هو، مون پنهنجي محتاجي ۽ ڪثرتِ عيال (گهڻن ٻار ٻچن) جي شڪايت بارگاهِ غَوثِيت ۾ ڪئي، تہ غوثِ صمداني، قُطبِ رَبّاني حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُ القادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه منهنجي لاءِ هڪ وَيبَہ (هڪ مخصوص پيمانو) ڪڻڪ جو ڪيڍائون ۽ مون کي فرمايائون تہ هن کي هڪ ٻوري ۾ وجهي ان جو منهن بند ڪري ڇڏيو ۽ هڪ پاسي کان کولي ڪيندا رهجو ۽ پيهين کائيندا رهجو پر ان جو منهن هرگز نہ کولجو. شيخ ابوالعباس رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان ان ٻوري مان ڪڻڪ ڪيدي ڪيدي اها پنج سالن تائين کائيندا رهياسين، پوءِ

هڪ ڏينهن منهنجي گهرواريءَ ان جو منهن ڪولي ڇڏيو ته اها ست(7) ڏينهن ۾ خَتم ٿي وئي، پوءِ مون حُضور غَوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي خدمت ۾ اها ڳالهه عرض ڪئي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جن اِرشاد فرمايائون: جيڪڏهن توهان ان کي ڇڏي ڏيو ها ۽ ان جو منهن نه کوليو ها ته پنهنجي مرڻ تائين انهيءَ مان کائيندا رهو ها يعني اها ڪڏهن ختم نه ٿئي ها. (بهجة الاسرار ، ص ١٣٠)

وہ اور ہیں جن کو کہئے محتاج ہم تو ہیں گدائے غوث اعظم
جو دم میں غنی کرے گدا کو وہ کیا ہے عطائے غوث اعظم
(ذوقِ نعت،ص۱۲۳)

## (2) لَٺِ مبارڪ روشن ٿي وئي

حضرت سَيِّدُنا عَبدُالۡمَلِڪ ذَيّال رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته مان هڪ رات غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه جي مدرسي ۾ بيٺو هيس ته سندن هڪ لَٺِ، دستِ مبارڪ ۾ ڪٽي اندران ڪان ٻاهر تشريف ڪٽي آيا، منهنجي دل ۾ خيال آيو ته ڪاش! غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي هن لَٺ جي ذريعي مون کي ڪا ڪرامت ڏيکارين، هتي منهنجي دل ۾ هي خيال گذريو هوڏانهن حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه لَٺ کي زمين ۾ نوڪي ڇڏيو، ته اها لٺ (staff) ڏيئي وانگر روشن ٿي وئي، ۽ گهڻي دير تائين روشن رهي، پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ان لَٺ کي زمين مان ڪڍي ڇڏيو ته اها جيئن هئي ائين ئي ٿي وئي.، ان کان پوءِ حُضور غوثِ پاڪ رَحۡمَةُاللهِتَعَالٰیعَلَيۡه جن فرمايو: بس اي ذَيّال! توهان اهو ئي چاهيو پيا؟
( بهجة الاسرار، ذڪرفصول من ڪلامه ...الخ،ص١٥٠)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان ته پيران پير، پير دَست گير، روشن ضمير، قُطبِ رَبّاني، محبوبِ سُبحاني، پيرِ لاثاني ڪهڙا باڪرامت ولي هئا جو جن کي ربّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ اها طاقت ۽ قدرت بخشي هئي جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه غيب جي خبر ڏيندي دلين ۾ پيدا ٿيڻ وارن خيالن کان باخبر ٿي ويندا هئا ايستائين جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه پنهنجي مشهور زمانه ”قصيدهٔ غوثيه“ ۾ ته ايستائين اِرشاد فرمايائون ته .....

www.dawateislami.net

نَظَرْتُ اِلٰی بِلَادِ اللهِ جَمْعًا　　　　كَخَرْدَلَةٍ عَلٰی حُكْمِ اتِّصَالِی

يعني مون الله عَزَّوَجَلَّ جي سيني شهرن کي ائين ڏسي ورتو جيئن رائي جا ڪجهه داڻا مليل هجن.

مشهور مُحَدِّث حضرت سيدُنا شيخ عبدُ الحق محدِّث دِهلوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:حُضور ِغوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن اِرشاد فرمايو: جيسيڪڏهن شريعت منهنجي منهن تي لغام نه لڳائي ها ته مان توهان کي ٻڌائي ڇڏيان ها ته توهان گهر ۾ ڇا کاڌو آهي ۽ ڇا رکيو آهي، مان توهان جي ظاهر ۽ باطن کي ڄاڻان ٿو ڇو ته توهان منهنجي نظر ۾ آر پار نظر اچڻ واري شيشي وانگر آهيو.

(اخبار الاخيار،ص،۱۵)

مجھے ایسا شیدا بنا غوثِ اعظم　　　　کہ ہو جاؤں تجھ پر فدا غوثِ اعظم

مرے پیر روشن ضمیر آپ کو تو　　　　مرے حال کا ہے پتا غوثِ اعظم

(وسائل بخشش مرمم ، ص ۵۵۰)

سُلطانِ ولايت　غوثِ پاڪ　　　　فانوسِ هدايت　غوثِ پاڪ

ولين تي حڪومت　غوثِ پاڪ　　　　شهبازخطابت　غوثِ پاڪ

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مَدَني انعامات“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته الله وارن کان ڪجهه لڪيل نٿو رهي ۽ اها به خبر پئي ته اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ولين جا سردار هئڻ جي باوُجود به ڪيترا محتاط هئا جو شريعت جي حڪم جي پيروي کان هڪ قدم به پويان نه هٽندا هئا، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان به پنهنجي هر هر عمل کي شريعت مطابق آراسته ڪريون. شريعت جي احڪامن جي ادائيگي جو جذبو وڌائڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني اِنْعَامات“ جي مُطابِق روزانو فِڪرِ مدينه ڪندي هر مَدَني ماهه جي پهرين تاريخ تي پنهنجي ذِمَّه دار کي مَدَني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ به آهي.

❁اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسخو آهي، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن سان اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه گهڻا خوش ٿين ٿا ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازين ٿا، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دَولت هٿ ايندي آهي،❁مَدَني اِنعامات جو اهو عظيم تحفو (Gift) اَسلافِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ياد ڏياري ٿو، ❁ مَدَني اِنعامات بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي نَقشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَريعو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جو پنهنجي عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو انداز بہ ڪيترو پيارو هو. اچو! ان جي هڪ اِيمان اَفروز جَهلڪ مُلاحَظ ڪريون ٿا، جيئن تہ

## سڄو ڏينهن فِڪرِ مدينہ

منقول آهي تہ حضرت سَيدُنا ابو ذر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْه سڄو ڏينهن گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ (آخِرت جي باري ۾) غور ۽ فِڪر ڪندا رهندا هئا. (احياء علوم الدين، ڪتاب التفكر ،۱۶۲/۵ماخوذاً)

اچو! ترغيب طور فِڪرِ مدينہ ڪرڻ جي هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ جهومو جيئن تہ،

## مَدَني انعامات جي رسالي جي بَرَڪت

باب المدينہ ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ کي ان جي علاقي جي مسجد جا امام صاحب جيڪي دعوتِ اسلامي سان وابستہ هئا، انهن انفرادي ڪوشش ڪندي ان جي وڏي ڀاءُ کي مَدَني انعامات جو هڪ رسالو تحفي ۾ ڏنو، اهي گهر ڪٽي آيا ۽ پڙهيو تہ حيران رهجي ويا تہ هن مختصر رسالي ۾ هڪ مسلمان کي اسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آهي. مَدَني انعامات جو رسالو ملڻ جي برڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان کي نماز(salah) جو جذبو مليو ۽ باجماعت نماز جي ادائيگي جي لاءِ مسجد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ هاڻي پنج وقت جا نمازي بڻجي چڪا آهن، ڏاڙهي مبارڪ بہ سجائي ورتي ۽ مدني انعامات جو رسالو بہ پريندا آهن.

ميں بن جاؤں سَراپا ”مَدَنی انعامات“ کی تصویر
بنوں گا نیک یااللہ اگر رَحمت تِری ہوگی
(وسائل بخشش مرمم،ص۳۹۳)

الله تعاليٰ اسان کي بہ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ ۽ روزانو فِڪرِ مدينہ جي ذَرِيعي مَدَني اِنعامات جو رِسالہ پري ڪري پنهنجي ذِميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻائڻ جي تَوفِيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ تمام گهڻو ڪريم آهي هو پنهنجي بَرگُزِيدَه (پسنديده ڪيل) ٻانهن کي تمام وڏيڪ اِختيار عطا ڪندو آهي، مَلَڪ ۽ فَلَڪ، زمين ۽ آسمان، بَحر ۽ بَر، جِنّ ۽ انسان ۽ چرند ۽ پرند تي انهن جي حڪومت قائم هوندي آهي بلڪ دنيا جي هر شيء انهن جي تابع ڪئي ويندي آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي بہ اها شان ۽ ڪرامت هئي تہ جهڙي طرح جنن ۽ انسانن تي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حڪمراني جو سڪو هلندو هو اهڙي طرح پکي (Birds) بہ سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حڪم اڳيان سرِ جهڪائيندا هئا. اچو! هن باري ۾ حُضور غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي هڪ ڪرامت جي متعلق ٻڌو ۽ خوش ٿيو،جيئن تہ،

جڏهن حضرت ابوالحسن اَزْجِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيمار ٿيا تہ حُضور غوثُ الاعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه عِيادت جي لاءِ تشريف وٺي آيا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه انهن جي گهر هڪ ڪبوتري ۽ هڪ قُمري کي وينل ڏٺائون. حضرت ابوالحسن اَزجِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه چيائين: اها ڪبوتري ڇهہ (6) مهينن کان آنا نٿي لاهي ۽ اها قُمري 9 مهينن کان نٿي بولي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڪبوتري وٽ بيهي چيائون: پنهنجي مالِڪ کي فائدو پهچاءِ ۽ قُمري کي چيائون: پنهنجي خالِق عَزَّوَجَلَّ جي تسبيح بيان ڪر، قُمري ان

ڏينهن ڪان اهڙو ٻولندي جو بغداد وارا ٻڌي محفوظ ٿيندا ۽ ڪبوتري سڄي عمر آنا لاهيندي رهي. (نزهة الخاطر،ص۵۹)

کیوں نہ جاؤں میں غوث پر واری، آفتیں دُور ہو گئیں ساری
جب تڑپ کر انہیں پکارا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۷۸)

## مجلس تراجم:

منا منا اسلامي ڀائرو! حضرت سيدنا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي سموري دنيا ۾ ڪم و بيش 104 شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي.انهي مان هڪ شعبو مجلس تراجم به آهي. جيڪو امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة مڪتبة المدينہ جي ڪتابن ۽ رسالن جو دنيا جي مختلف زبانن ۾ مثال طور انگلش، عربي، فارسي، فرينچ، جرمن، چائنيز، اٽالين، رشين، هندي، گجراتي، سنڌي، بنگالي جي علاوه ڪم و بيش 36 زبانن ۾ ترجمو ڪرڻ جي خدمتِ سر انجام ڏئي رهيو آهي تہ جيئن اردو پڙهڻ وارن سان گڏوگڏ دنيا جون ٻيون زبانون ڳالهائڻ وارا ڪروڙين ماڻهو بہ فيضياب ٿين ۽ انهن جو اهو ئي مدني ذهن ٺهجي وڃي تہ. ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! مجلس تراجم جا تمام ڪتاب ۽ رسالا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تي موجود آهن. ان ڪان علاوه مدني اسلامڪ ئي بڪ لائبريري (Islamic eBooks Library)جي نالي سان موبائل ايپليڪيشن بہ آهي. جنهن جي مدد ڪان اوهان ڪتابن ۽ رسالن جو نہ صرف پاڻ مطالعو ڪري سگهو ٿا بلڪ پنهنجي دوست ۽ احباب کي هن ايپليڪيشن جو link شيئر ڪري ثوابِ جاريہ جو سامان ڪري سگهو ٿا.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

(وسائل بخشش مرمم، ص۳۱۵)

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تي ربّ تعاليٰ جو اهو خاص فضل ۽ احسان هو جو جهڙي طرح حياتِ ظاهري ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪرامتن، عنايتن، فيض ۽ بَرَڪتن ۽ تَصَرُّفات جو سلسلو جاري ۽ ساري رهيو، اهڙي طرح وِصال کان پوءِ مَزارِ اَنور ۾ وڃڻ کان بعد بہ سندن عنايتن، ڪرامتن ۽ تَصَرُّفات جو سلسلو بدستور قائم ۽ دائم آهي، ائين ڇو نہ هجي جو پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه تہ الله عَزَّوَجَلَّ جا مُقرَّب ولي بلڪ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جا سردار آهن ۽ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن الله تعاليٰ جي عطا سان پنهنجن مَزارن ۾ نہ صرف حَيات هوندا آهن بلڪ زائرين کي ڏسندا، سڃاڻيندا، انهن جي هدايت ۽ مدد ڪندا ۽ ڪوڙ تَصَرُّفات فرمائيندا آهن، جيئن تہ حضرت سَيّدُنا اِمام اسماعيل حقّي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: نبين، ولين ۽ شهيدن جا جسم قبرن ۾ نہ ئي تبديل ٿيندا آهن ۽ نہ ئي پراڻا ٿيندا آهن ڇو تہ الله عَزَّوَجَلَّ انهن جي جسمن کي ان خرابي سان جيڪا گوشت جي گِرڻ سڙڻ سان پيدا ٿيندي آهي، محفوظ رکيو آهي (روح البيان،پ۱۰،التوبة،تحت الآية:۴۱، ۴۳۹/۳)

مشائخ عظام رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِم اَجْمَعِيْن جو فرمان آهي : چار بزرگ اهي آهن جيڪي اهڙي طرح تَصَرُّف فرمائيندا آهن جيئن پنهنجي زندگي ۾ تَصَرُّف فرمائيندا هئا(اهي وفات تي وڃڻ کان بعد حيات کان) ڪئي ڀيرا وڌيڪ تَصَرُّف فرمائيندا آهن: حضرت سَيدُنا مَعروف ڪرخي، حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُ القادِر جِيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمَا ۽ بہ انهن جي عِلاوه آهن. (لمعات التنقيح،ڪتاب الجنائز،باب زيارة القبور،۲۱۵/۴،تحت الباب:۸)

حضرت علّامہ علي قاري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: "فَلَا فَرْقَ لَهُم فِي الْحَالَيْنِ وَلِذَا قِيْلَ اَوْلِيَاءُ اللّٰهِ لَا يَمُوْتُوْنَ وَلٰكِنْ يَّنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلٰى دَارٍ يعني الله جي ولين جي ٻنهي حالتن (زندگي ۽ موت) ۾ هرگز (ڪو) بہ فرق ناهي، ان لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهي مرندا ناهن بلڪ هڪ گهر کان ٻي گهر ۾ تشريف کڻي ويندا آهن.

(مرقاة المفاتيح، ڪتاب الصلوٰة، باب الجمعة،فصل الثالث،۴۵۹/۳،تحت حديث: ۱۳۶۶)

www.dawateislami.net

اچو! حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو پنهنجي مزار اَقدس تي حاضر ٿيڻ واري هڪ اَهلِ مَحَبَّت کي نوازڻ تي مُشتَمِل هڪ دلنشين واقِعو ٻڌو ۽ پنهنجو ايمان تازه ڪريو،

## مزار مبارڪ مان ٻاهر تشريف وٺي آيا

مصر جو واپاري حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُالقادر جِيلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جو عقيدت مند هو ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ داخل ٿيڻ جو ٻہ ارادو رکندو هو پر دنياوي ڪاروبار جي مَصرُوفِيت جي ڪري چاليهہ سالن تائين سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي خدمتِ اقدس ۾ حاضِري جي شَرَف کان مَحروم رهيو. آخِرڪار فيض ۽ بَرَڪتون حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي زِيارت جي لاءِ بغداد جو سفر شُروع ڪيو، واپاري جي بغداد پهچڻ تي خبر پئي تہ حضرت سَيدُنا غُوثِ اَعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه وِصال ڪري ويا آهن تہ پنهنجي مراد پوري نہ ٿيڻ تي مايوس ٿيا ۽ پنهنجو پاڻ کي هلاڪ ڪرڻ جو ارادو ڪيو پر گڏوگڏ دل ۾ اهو خيال آيو تہ پهريان حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي روضي پاڪ جي زيارت ڪري فيض حاصل ڪريان، پوءِ هو روضي مبارڪ جي زيارت جي لاءِ آيو ۽ زِيارت جا آداب ادا ڪيائين، حضرت سَيدُنا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنهنجي قبرِ انور مان ٻاهر تشريف فرما ٿيا ۽ ان جو هٿ (Hand) پڪڙي ان تي تَوَجُّہ ڪئي ۽ پنهنجي سلسلہ عاليہ قادِريہ ۾ داخل ڪري ورتو. (تفريح الخاطر،ص۸۲ ملخصاً)

مل گیا مجھ کو غوث کا دامن، فضلِ ربّ کریم سے روشن
مری تقدیر کا ستارہ ہے،واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائل بخشش مرمم،ص۵۷۷)

سُلطانِ ولايت غوثِ پاڪ فانوسِ هدايت غوثِ پاڪ
ولين تي حڪومت غوثِ پاڪ شهبازخطابت غوثِ پاڪ

♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ♣مرحبا يا غوثِ پاڪ

## بيان جو خلاصو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اڄ اسان حُضور سَيدُنا غوثِ اعظم

دَستگير رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪرامتن جي باري ۾ مختلف دلچسپ واقعا ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪئي تہ

- ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه مُسْتَجَابُ الدَّعْوَات هئا.
- ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه باڪرامت ۽ پيدائشي ولي هئا.
- ❖ اسان جا غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه حُضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّتن جا پابند هئا.
- ❖ اسان جا غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيمارن جي عيادت ڪندا هئا.
- ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجن مريدن جي حاجت پوري ڪندا هئا.
- ❖ اسان جي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو مريدن جي حاجت پوري ڪرڻ هينئر بہ بي مثال آهي
- ❖ اسان جي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي دُعائن سان ماڻهن جي مال ۽ دَولت ۾ اضافو ٿي ويندو هو .
- ❖ اسان جا غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه غريبن، فقيرن، مسڪينن ۽ مُحتاجن جي مدد ڪرڻ وارا هئا.

الله عَزَّ وَجَلَّ اسان کي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي سچي پڪي غلامي نصيب فرمائي- اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥

www.dawateislami.net

## سلام ڪرڻ جون سُنتون ۽ آداب

❀ مسلمان سان ملاقات ڪرڻ وقت ان کي سلام ڪرڻ سنّت آهي. ❀ ڏينهن ۾ ڪيترائي ڀيرا ملاقات ٿئي، هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ بار بار اچ وڃ ٿئي، اتي موجود مسلمانن کي سلام ڪرڻ ثواب جو ڪم آهي ❀ سلام ۾ پهل ڪرڻ سنت آهي ❀سلام ۾ پهل ڪرڻ وارو الله عَزَّ وَجَلَّ جو مقرب آهي ❀ سلام ۾ پهل ڪرڻ وارو تڪبر کان به بري آهي جيئن ته منهنجي مڪي مدني آقا مٺي مٺي مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ باصَفا آهي: پَهرين سَلام ڪرڻ وارو تڪبُّر کان بَرِي آهي. (شُعَبُ الايمان ج٦ ص ٤٣٣) سلام (۾ اڳرائي) ڪرڻ واري تي 90 رحمتون ۽ جواب ڏيڻ واري تي 10 رحمتون نازل ٿينديون آهن. (ڪيميائے سعادت) ❀ اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ چوڻ سان 10 نيڪيون ملنديون آهن، گڏوگڏ وَرَحْمَةُ الله به چوندا ته 20 نيڪيون ٿي وينديون ۽ وَبَرَكَاتُهٗ شامل ڪندؤ ته 30 نيڪيون ٿي وينديون. ❀ اهڙي طرح جواب ۾ وَعَلَيْكُمُ السَّلامُ وَرَحْمَةُ الله وَبَرَكَاتُهٗ چئي 30 نيڪيون حاصل ڪري سگهجن ٿيون ❀ سلام جو جواب جلدي ۽ ايڏي آواز سان ڏيڻ واجب آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وٺي ❀ سلام ۽ سلام جي جواب جو صحيح تَلَفُّظ ياد ڪري وٺو. پهريان مان چوان ٿو اوهان ٻڌي دُهرايو: اَلسَّلامُ عَلَيْكُمْ هاڻي پهريان مان جواب ٻڌايان ٿو پوءِ اوهان دُهرايو: وَعَلَيْكُمُ السَّلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”**سنتيں ۽ آداب**“ ان کان علاوه شيخ طريقت، امير اهلسنت جا به رسالا ”101مدني پهول“ ۽ ”163مدني پهول“ مڪتبة المدينه جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار　　سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص۶۳۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَ صَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ھو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناہ

---

[1]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ السادسۃ والخمسون، ص151ملخصًا

www.dawateislami.net

معاف ڪيا ويندا.[1]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

### (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

### (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[4]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[4] ...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ یَوْمَ الْقِیَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡہُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِیْمُ الْكَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللہ عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] … مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net